پولڙي جي پُل ۽ ٻيون آکاڻيون

گوهر ممتاز قاضي

سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

پولڙي جي پُل
۽
ٻيون آکاڻيون

گوهر ممتاز قاضي

سنڌي ادبي بورڊ - حيدرآباد سنڌ

Second Edetion – 1984 – 5000 Copies

All Rights Reserved with
GOHAR MUMTAZ QAZI

Illustratted & Designed by
SHEJI KAZMI, SUNAYIA KAZMI

Published by

GHULAM RABBANI AGRO,
SECRETARY, SINDHI ADBI BOARD
JAMSHORO.

Produced by
SYED & SYED
21, Aurangzeb Market, M.A.Jinnah Road, Karachi — Phone: 217300
Printed at: Ahmed Brothers Printers, Karachi

مهاڳ

يونيسڪو، سال ١٩٧٩ع کي ”ٻارن جو سال“ قرار ڏنو آهي. اقوام متحده جا سمورا ميمبر ملڪ ٻارن جي جلسن جلوسن، تقريرن، مباحثن، ڪتابي ميلن، تصويرن جي نمائشن ۽ ٻين طريقن وسيلي پبلڪ جو توجهه ٻارن ڏانهن ڇڪائي رهيا آهن ته جيئن والدين، استاد ۽ معاشري جا سمورا افراد ٻارن جي صحتمند جسماني ۽ ذهني نشوونما لاءِ ڪوشش وٺن.

پاڪستان ۾ پڻ ٻارن جو بين‌الاقوامي سال ملهايو پيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ مختلف تنظيمون ۽ ادارا مختلف پروگرامن تي عمل ڪري رهيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ سنڌي زبان جو اهم علمي ۽ ادبي ادارو آهي، جنهن جو بنيادي ڪم آهي سنڌي زبان ۾ ٻارن، عورتن ۽ مردن لاءِ علمي ۽ ادبي ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪرڻ. بورڊ، ٻارن لاءِ ڪيترن سالن کان وٺي سنڌي زبان ۾ ماهوار رسالو ”گل ڦل“ شايع ڪري رهيو آهي ۽ ٻارڙن جا ڪجهه دلچسپ ڪتاب پڻ شايع ڪيا اٿس، جن مان اڪثر سنڌي زبان جي هاڪاري عالم شمس‌العلماء مرزا قليچ بيگ جا لکيل آهن. هينئر ٻارن جي عالمي سال جي نسبت سان هي ڪتاب ”ٻولڙي جي پَلَءِ ۾ پيون آڪاڻيون“ شايع ٿي رهيو آهي.

هن ڪتاب جي مصنفه پاڪستان جي مايه ناز تعليمدان ۽ سيڪريٽري وزارت تعليم حڪومت پاڪستان ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب جي اهليه محترمه آهي. محترمه هن ڪتاب ۾ ڏنل آڪاڻيون سنڌيس ۽ وڻندڙ زبان ۾ لکيون آهن، جنهنڪري انهن ۾ سمايل اخلاقي سبق ٻارن کي سولائيءَ سان ذهن نشين ٿي ويندا. اميد آهي ته هيءُ ڪتاب سنڌ جي ٻارن ۾ گهڻي قدر مقبول ٿيندو.

— ناشر

فهرست

۱. مندن جو ميلو ——— ۵

۲. ٻچڙي ٻدڪ ——— ۱۲

۳. نبيله جي گُڏي ——— ۲۰

۴. پولڙي جي پُل ۲۹

۵. بزرگ جو باز ۳۶

۶. ڪينهوڙي تي ڪيٽو ۴۴

منڊن جو ميلو

ڪُل بادشاهن جو بادشاهه ڏٺي سگهورو. ڪُل ميلن کان وڏو ميلو هن جڳ جو آهي.

هرهنڌ ننڍا وڏا ميلا پيا لڳن، اهڙو هڪ وڏو ميلو لڳل هو. ميلي جي خبر پوڻ تي ماڻهو، زالين مڙسين ۽ ٻارين ٻچين ڏوڪيندا پئي ويا. جتي چار ماڻهو پهچندا وڃن، آتي پنجون به وڃيو شامل ٿئي. ٻه ٻه، چار چار ٿيندا هزارين اچيو مڙن.

معلوم ڪرڻ تي خبر پيئي ته اهو نه ٻارن جو ميلو آهي ۽ نه زالن جو ميلو آهي، بلڪ اهو آهي "منڊن جو ميلو".

هيڪر اهو ٻڌي حيران رهجي ويس ته "منڊن جو ميلو" ڪيئن ڏنو لڳي! خير، سوچيندي سوچيندي انهيءَ هجوم ڏانهن وڌيس، جتي ماڻهو ٽڪيٽ کڻائڻ لاءِ بيٺا هئا. پر ماڻهن کي صبر نه هجي. هڪٻئي کي ڌڪا پئي ڏنائون ۽ ڪاڏائون. خبر نه آهي ته انهن کي اهڙي تڪڙ ڇو هئي.

جڏهن سيڪنهن ڪم ۽ هرڪنهن ڳالهه جو وقت مقرر آهي، پوءِ ايتري جلدي ڇاجي!



ڪيولين جهڙن ڪمزور جيتن ڏانهن ڪٿي ڏسجي ته ڪيئن نه هڪٻئي جي پٺيان قطار ۾ سانت سان پيون هلنديون آهن. ٻئي پاسي وري آڏن جهڙا گهٽ

عقل جانور ۾ ڪين ۽ صبر
سان قطار ۾ قاعدي سان پيا
هلندا آهن. پر اهي انسان
اشرف المخلوقات هوندي به قانون
جو قدر نٿا ڪن. آخر قانون
جي محافظ کي پنهنجي فرض
جي ادائگي ڪرڻي پيئي. ان
طرح مون کي به اندر وڃڻ جو
وارو مليو.

مان حيراني سان هيڏي هوڏي
ڏسندو رهيس ته آخر ان ميلي
۾ ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن جي
ڪري هن جو نالو "مندن جو
ميلو" رکيو ويو آهي. مان گهمندو
رهيس، ڦرندو رهيس.

ميلي ۾ ڇا نه هو! دوڪانن
۽ اسٽالن کي وڪري جي سامان
سان ڇڱي طرح سينگاريو ويو
هو. رانديڪن جا دوڪان، ڪپڙي
جا دوڪان، ڇا وري ڪاڌي جا
سامان رکيا هجن!

جيڪي گُهر سو حاضر آهي.
دل وندرائڻ لاءِ مختلف راندين
جو انتظام ڪيل جهولا، چوڏول،



قسمت جو حال ٻڌائڻ وارا به
موجود. لاٽرين جي لالچ جدا
پيئي ڏني وڃي. هر هنڌ زندگي
جي گرمي هئي. جيڏي ڏس
اوڏي هل هلان ڇڪ ڇڪان، ترسڻ
۽ بيهڻ ته ڪنهن ۾ ڪونه هو.
هرڪو ايترو مشغول ٿي پيو جو
ڪين سندن اُهي گهر وسري ويا
جتان هو آيا هئا.

هلندي گهمندي هڪ اسٽيج
نظر آيو.

هن اسٽيج جي مٿان لکيل
هو "دنيا جي اسٽيج". اهو پڙهي
پيهر تعجب ۾ هيڏي هوڏي ڏسڻ
لڳس. ڪا مهل ٿي ته هڪڙو

شخص ڇئن رنگن جون پٽيون، سائي، ڳاڙهي، اڇي ۽ پيلي، جيڪي هڪڙي گول ڇڪري ۾ ٻڌل هيون سي آٽي هڪڙي پاسي ٽنگي ڇڏيائين.

مان سوچيندو رهيس ته اهي رنگ ڪهڙي ڪهڙي منڊ جي نشاندهي ڪن ٿا.

ايتري ۾ اسٽيج تي "سيئو درويش" آيو. ڪيس اڇا پر ٿلها ڪپڙا پيل هئا. برف جهڙي اڇي ڏاڙهي هيس. شڪل جڻ ته سبب اڇي ٿي ويئي هجيس.

هُن اچڻ سان اهڙي ڪا ڦُوڪ هنئي جو سڄي ميلي ۾ سياڪوري پکڙجي ويئي. ماڻهو پنهنجا ڪالر



ڪنن تي ويڙهڻ لڳا، ڪوٽ سوڙها ڪرڻ لڳا ۽ آن اسٽيج تي اهڙا نقشا نظر اچڻ لڳا جڻ ٿڌ پيئي وڌي، هوا پڻ ٿڌي پيئي لڳي.

ننڍن ٻارن جا نڪ زڪام سان وهڻ شروع ٿيا. انهن گلن جا گلابي ڳِل ڦُٽي پيا. چپ ڦاٽڻ لڳا.

ماڻهن کي ٿلهن ڪپڙن جي گهرج ٿي. رليون ۽ ڪيس بند ٿيا. سوڙين جو استعمال شروع ٿيو. گهرن ۾ گرمائش لاءِ سگريون ۽ هيٽر ٻرڻ شروع ٿيا. ميدان برف جي پوشاڪ پائڻ لڳا. ماڻهو توڙي مرون پنهنجن آجهن ۾ ويهڻ لڳا.

درويش پنهنجن ڪرشمن ڏيکارڻ کان واندو ٿي ڪونه ڏيو هو ته "مائي بهاران" اسٽيج تي اچي نڪتي.

درويش ڪيس ڏسي پُٺ موڙي.

مائي هجي به ڏاڍي سهڻي، ڳاڙهن گلن ۽ ساون پنن جا هار پيل هجنس. رنگ برنگي ڪپڙا پاتل، شڪل مان تازگي ۽ توانائي نظر ٿي آئي. اکين سان گڏ نڪ جي حواس به ڪم ڪرڻ شُروع ڪيو.

خوشبوءِ ۽ هٻڪار فضا ۾ پکڙجي ويئي. ائين ٿي لڳو جيئن باغ بستان جيئرا ٿي پيا هئا. پڻ ساوا پهراڻ پاتا. ساوا ٻوٽا ڳاڙهن، پيلن، اڇن ۽ نيرن گلن سان سينگارجي ويا. پکين پرندن راڳ ڳائڻ شروع ڪيا.

ڪوئل ڪوڪڻ، پپيهو پنهنجي
پيارن کي سڏڻ لڳو. پوپٽن
گلن جي رنگن تي موهجي نچڻ
شروع ڪيو.

ماڪي جي مک پنهنجي ماڻارن
۾ ماکي جا مٽ گڏ ڪرڻ لڳي.
ماڻهن ٿلها ڪپڙا لاهڻ
شروع ڪيا ۽ گهرن مان ٻاهر
نڪري گهمڻ گهتڻ تي دل
گُهرڻ لڳي. هر طرف بهاري
جا نظارا اکين کي راحت پيدا
بخشين. جت جت مائي بهاران
ڦيرو ڏئي آت بهاري پنهنجو
جوبن پيئي ڏيکاري.

"ڪرمو شيدي" کي شايد
اُن حسن ۽ جمال جي تصوير
نہ وڻي. ساڙ وچان اسٽيج تي
نڪري نروار ٿيو. هن جي ظاهر
ٿيڻ سان سڄي باغ جو نقشو
بدلجي ويو. سندس ڪاري رنگ
ان ڳالهہ جي شاهدي ڏني تہ
آس جي گرمي کهڙي طرح
ٿي سڀ شيءِ کي ساڙيو ڇڏي.

جبلن جي چوٽين تان برف
پگهري آبشارن ۾ تبديل ٿي
ويئي، ٻوٽن جا ويس مٽجي ويا.
ماڻهن جا لباس تبديل ٿي ويا.



انسان پنهنجن گهرن کان
ٻاهر آسمان جي ڏڪار لاءِ تہ
نڪتا، پر جانور، جيئن جڙا ۽
نانگ ٻلائون پڻ پنهنجن پرن
کي الوداع ڪري نڪري نِروار
ٿيا. سڄرن ۽ مڪين تہ اصل
پاڻ ملهايو.

گرمي سبب گوشائتو ويهڻ
تہ وسري وين، ٽڏين ۽ ڏيڏرن
تہ ٽَر ٽَر ۽ چِر چِر ڪري ڪن
کائي ڇڏيا. ماڻهن سنها لباس
شروع ڪيا. گرم ڪپڙن ۾
فنائل جون گوريون وجهي صندوقن
۾ رکي ڇڏيائون. جن کي ڏسڻ
سان ئي ماڻهن جا پگهر
ٽي چُٽا.
ڪا مهل ٿي تہ ڇا پيو
ڏسجي جو آها پوڙهي عورت،
نالو سندس "سرٿي"، پيلي گندي
پائي، آهستي آهستي رڙهندي
اچي بيٺي.
ڳرمو شيدي سندس نمائي ۽
۽ ڪوماٺل شڪل ڏسي قياس
وڃان ڪٽي ميدان ڇڏيو.
هاٺي سرئي جي شڪل جا
ڳُهنج، جن وقت جي گذرڻ
۽ سندس رفتار جو احساس ٿي
ڏياريو، سندس اچڻ سبب ماڻهو
متو ميڙو ڇڏيو واپس پئي وريا.
ٻاغن ۾ گُلن ۽ گاهہ تي سندس
پيلي گندي جو پاڇو پيو ۽
انهن جو رنگ بہ پيلو ٿيڻ لڳو.
ميدانن ۾ وڻن ٽڻن جا پن پڪڙجڻ
لڳا. مائي سرئي کي ڏسي ماحول
۾ مايوسي ڇانئجي ويئي. ڪوماٺل
گلن کي ڏسي انسانن کي بہ
پنهنجي عاقبت جو انديشو ٿيڻ
لڳو. نيٺ تہ هر شئي کي فنا
آهي، آخرڪار انهن ڇٽن معدن
جو ميلو ختم ٿيو.

بڇڙي بدڪ

گرميءَ جي موسم هئي، مينهن
جو ڦڙو ئي ڪونه پيو هو.

هڪڙي بدڪ پنهنجي آکيري
۾ آنن ڦوٽڻ تي ويٺي هئي.
چوڻ لڳي: "اوهو، ڏاڍي گرمي
آهي، ڪيترو نه سٺو ٿئي جو
مان تلاءَ ۾ جيڪر وڃي تران."
اڃان اهو دل ۾ سوچيائين هئي
ته سندس آنا ڦٽڻ شروع
ٿيا، ۽ انهن مان ننڍڙا، سهڻا ۽
پشمدار ٻچا نڪتا. پر پوءِ ڏٺائين
ته سندس هڪڙو آنو اڃان نه
ڦٽو آهي. بدڪ دل ۾ سوچڻ
لڳي ته الائجي ڇا سبب آهي
جو هي آنو ڦٽڻ ۾ دير پيو وٺي.

ٿوريئي دير ۾ اهو هڪڙو
آنو به ڦٽو ۽ منجهانس هڪڙو



ڪارڙو ڏگهي ڳچيءَ سان ٻچو
نڪتو.

بدڪ سوچيو "ڪهڙو نه بڇڙو
آهي اهو منهنجو ٻچڙو! مون ڪڏهن
به اهڙو بڇڙو ٻچو نه ڦوڙيو هو."

بدڪ ٻچن کي تلاءَ ڏانهن
وٺي ويئي ته انهن کي ڪجهه
ترڻ سيکاري. کيس تعجب ٿيو
جڏهن ڏٺائين ته اهو ڪارڙو ٻچو
ٻين سڀني کان وڌيڪ هوشياريءَ
سان تري ويو.

اهو ڏسي ٻدڪ ڪيس چيو، ”ٻهرحال، ڏون اهڙو ٻيڙو ڪونہ آهين“. پوءِ ٻدڪ خيال ڪيو تہ ٻچن کي وٺي وڃي پنهنجي ملڻ وارن ڪڪڙين ۽ ٻدڪن کي ڏيکاريان. جڏهن پکين جي واڙي ۾ پهتي تہ پکين سندس اچڻ پسند نہ ڪيو ۽ پچائي ڪيائونس. خاص طرح سان ان ٻيڙي ٻدڪ جي ٻچي کي سندس ڏگهي ڳچي سبب ان کي ٺوڪيائون. هڪڙي پوڙهي ٻدڪ سندس طرفداري ۾ ڳالهايو. پر جيئن ان پٽ ورائي،



واڙي جا سڀ پکي سندس مذاق اڏائڻ لڳا. جيڏانهن غريب وڃي، سڀڪو ڪيس حقارت سان پچائي ڪڍي.

ويچاري ٻيڙي ٻدڪ جي دل ۾ ڏاڍو ارمان ۽ ڏک ٿيو ۽ هڪڙي ڏينهن آنهيءَ ٻنيءَ جي واڙي

مان اٿي اڏاڻي، پري تمام پري. اڏامندي اچي رات پيئي، ان ڪري هڪڙي تلاءَ جي ڪناري تي وڃي سمهي رهي. ٻئي ڏينهن جڏهن جهنگ جي ٻدڪن جاڳايس تہ وري ڇا ٻڌائين تہ هڪڙي ٻدڪ ٻيءَ ٻدڪ کي ٿي چئي ”هي ٻچو اهڙو سهڻو ڪونهي. ها نہ؟“

ٻيءَ جواب ڏنس ”ڇڏي ڏينس، پيو هجي، توکي ڪهڙو نقصان ٿو پهچائي؟“

ويچاري ٻيڙي ٻدڪ اڃان آن جا ٿورا مڃڻ لاءِ مهرباني چوڻ تي هئي تہ يڪدم ڪنهن شڪاريءَ جي بندوق جو آواز آيو. جهنگلي ٻدڪون اڏامي

ويون. جڏهن فضا ۾ خاموشي
ٿي، تڏهن اهو ٻچو به وري
اُٿي اُڏاڻو.

ڪارڙو ڦرندي ڦرندي
هڪڙي جهوپڙيءَ وٽ آيو،
جنهن ۾ هڪڙي پوڙهي عورت
رهندي هئي. وٽس هڪڙي
ٻلي ۽ هڪ ڪڪڙ هئي. چو جو

جهوپڙيءَ جو در کليل هو،
ڪارڙو اندر گهڙي ويو. پوڙهيءَ
جي نظر ڪجهه ڪمزور هئي،
ان ڪري ڪارڙي ڏانهن ڏسي
چيائين "ڏس ته ڪهڙي نه
سهڻي ٻدڪ اندر آئي آهي،
مان اِنهيءَ کي به پاليندي س.
ٻلي ۽ ڪڪڙ به سندس
آجيان ڪئي.

"پوڙهي عورت سون کي انهيءَ
لالچ تي به رکيو هو ته مان
شايد آنا ڏيئي سگهندس، پر
ڳالهه اها هئي ته مان آنا نٿي
ڏئي سگهيس". هڪڙي ڏينهن
پوڙهي چيو ته هي ٻدڪ ڪانهي
پر ٻدڪ آهي. اتي ڪڪڙ ۽

ٻلي به اچي ورتس. ڪڪڙ چويس
ته "تون آنا نٿو لاهي سگهين،
ته وري ٻلي طعنو ڏنيس ته تون
ڪوئنا به نٿو جهلي سگهين.
تون ڪجهه ڪري سگهين ئي
ڪونه ٿو".

اتي ڪارڙو وڏيڪ اُداس ٿيو.
سوچڻ لڳو ته "مان نه فقط
ٻچڙو آهيان پر مان ناڪاره به آهيان،

ڪجهه ڪري به نٿو سگهان".
ان ڪري هڪڙي ڏينهن تمام
گهڻو مايوس هو ۽ ان بددلي
۾ اها جهوپڙي ڇڏي شهر جي
ٻئي پاسي هليو ويو.

وقت گذرندو ويو. سرديون
آيون. ڪارڙي پريان هڪ تلاءُ
۾ سهڻا اچا پکي پاڻيءَ ۾ ترندا
ڏٺا. هن جي دل ڏاڍو گهريو
ته انهن کي ويجهو وڃي ڏسي
پر همت نه ڪيائين.

سردي سخت پئي پيئي.
ڪارڙي انهن ٻدڪن سان گڏ
تلاءَ ۾ وڃڻ ڪان نتايو، جو ڊپ
هوس ته متان اهي به ٻچڙو ڪري
اچي نه وٺنس. سو پنهنجو منهن

خوش ٿيا. پيءُ کان پڇيائون. پٽن حال ٻڌايو. هاڻي ٻارن کي راند لاءِ پڪي ملي ويو. پيا ڊوڙائيندا هئا ۽ خوش ٿيندا هئا.

هڪڙي ڏينهن صبح جو وقت هو. ٻار راند جي خيال سان وٺي گوڙ ڪري هن ڏانهن وڌيا. ڪارڙي کي گوڙ تي لڳو ڊپ، سو جيئن ئي ٿو اُٿي ڀڄي ته هڪڙي وڏي جڳ ۾ ڪير پيل هو، سو ويو هارجي.



لڪائي، هڪڙي وڻ هيٺ ويهي رهيو.

آتان هڪڙو ڪڙمي لنگهيو، تنهن ڪارڙي کي ٻرف ۾ ڪجهه ڏڪيل ڏٺو. سردي ۽ پاري سبب اڌ مئل ٿي لڳو. ڪڙمي ڪارڙي کي کڻي پنهنجي گهر ويو. ڪيس ٻه ٻار هئا، هڪ ڌيءَ ۽ هڪڙو پٽ. ٻارڙن جڏهن پيءُ جي ڪڇ ۾ ٻدڪ ڏٺي، ڏاڍا

ڳڙمي ۽ جي زال ڪاوڙ وچان
ڪيس جهلڻ لاءِ جهٽ وڌو، پر
ڪارڙو ڇڏائي اُٿي ڀڳو. ڀوءِ
ڇا ٿيو؟ ٻار ٻه ڪٺي ٻهارو ۽

چمٽو، ان جو پيڇو ڪندا ڊوڙندا
رهيا. اڳيان ڪارڙو ۽ پٺيان ٻار.
ويچارو ڪارڙو، ڇڱو جو در
ڪليل هو، جتان ڇڏائي ٻاهر



نڪري ويو. هاڻي هڪ دفعو
وري ويچارو سرديءَ ۾ پٽڪندو
رهيو. ٻـڪ هئي جا الـڳ پيئي
تنگ ڪريس. جيئن تيئن ڪري
سرديءَ جي مند ختم ٿيڻ لـڳي.
ڪارڙي ڏڏو ته گل ڦل وڌن تي
پيا ڦٽن، جيڏانهن ڪيڏانهن ساوڪ

پيئي اسري. ڏسي ڏاڍو خوش
ٿيو. پيو ته نهيو، ڪيس اهو پڻ
محسوس ٿيو هو ته پاڻ ۾ ڪجهه
متجي پيو. هن جو جسم ڪجهه
وڏيرڙو پيو ٿئي. نه فقط اهو، پر
سندس ڪارا ڪنڀ ۽ ڳچي،

جنهن ڪيس ڪارڙو ۽ ٻچڙو
ٻنائي ڇڏيو هو، اهي ٻه اڇا پيا
ٿين. ڪجهه وقت کان پوءِ جيئن
اڏامڻ جي ڪوشش ڪيائين ته
ڏٺائين ته سندس اڏام ڪجهه
اتانهين پئي ٿئي، ۽ ڪجهه
وڌيڪ فاصلي تائين اڏامي
سگهي ٿو.

آخرڪار هو اڏامندو اچي هڪ
باغ، جنهن کي پارڪ چوندا
هئا، انهيءَ وٽ اچي لٿو. اتي
هڪ وڏي تلاءَ ۾ ٻه-ٽي وڏا
ٻدڪ پئي تريا. باغ گلن سان



اصل ڏڪيو پيو هو. بدڪن جون ڏگھيون ڳچيون ڏسي پنهنجي ڳچيءَ تي به ڪنڌ هيٺ ڪري ڏٺائين. آهستي آهستي همت ڪري رڙهي اچي پاڻيءَ ۾ لٿو. پاڻيءَ ۾ لهڻ سان پاڻ پنهنجو عڪس جڏهن پاڻي ۾ ڏٺائين، ته ڪيس يقين نه پيو اچي ته هو اهڙو سهڻو هنس ٿي سگھي

ٿو. هن پاڻ ۾ ۽ ٻين هنسن ۾ ڪو فرق نه ڏٺو. هن اطمينان جو ساهه کنيو.

ايتري ۾ ٻه ننڍڙا ٻار تلاءَ ڏانهن آيا، اهي شايد ان پارڪ ۾ پيا ايندا ويندا هئا. ٻارڙن جڏهن ڪيس ڏٺو ته خوشيءَ وچان هڪڙي ٻئي کي سڏ ڪري چيو ته ”ڏس ته سهي، هڪ نئون هنس پاڻيءَ ۾ پيو تري، اهو ته انهن اڳين هنسن کان به وڌيڪ سهڻو ۽ وڏو آهي.“

ڪارڙي عرف اچي هنس اُها تعريف ٻڌي ڪجهه اطمينان جو ساهه کنيو. ڪيس خوشي به ڏاڍي ٿي. دل ۾ سوچيائين ته هاڻي سندس ڏکيا ڏينهن ٽري ويا، تنهن هوندي به هن کي پنهنجي سونهن تي غرور ڪونه هو. البت سندس اها خواهش ضرور هئي ته جن جن ڪيس بڇڙو چئي، سندس دل آزاري ڪئي هئي، ڪاش اهي ڪيس هڪ دفعو اهڙو ”سهڻو“ ڏسن ها.

۽ شيرين کي چيو "سُڀاڻي ته آچر آهي"، ثمينه وري پنهنجي پيٺ کي چيو "ادي، سومر تي ته عيد ميلاد جي موڪل آهي".

شيرين ورائيو، "پيٺ، اهو ته ڀاڻ سٺو، هڪڙو ڏينهن ڪم ڪار

نبيله جي گڏي

ٺَن... ٺَن... ٺَن... پاڙي جي اسڪول جو گِهنڊ وڳو.

گهڙي ساعت ۾ ننڍا وڏا گلن جهڙا ٻار ڙا ڊوڙندا ٽوڪيندا اسڪول کان ٻاهر نڪتا.

پڪا امتحان پورا ٿيا، نتيجا پڻ نڪتا، ٻار آخر ڇو نه خوشي وچان ڊوڙندا نڪرن. ڇو نه نچندا ٽپندا نظر اچن. آهستي آهستي خود بخود ٽوليون ٺهنديون ويون.

ٻه ٻه يا ٽي ٽي ٿـي گهرن ڏانهن روانا ٿيا. اهڙي هڪڙي ٽولي، جنهن ۾ چار پنج ڇوڪريون ۽ ٻه ٽي ڇوڪرا هئا، پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيائون.

نبيله پنهنجي ساهيڙين نِمو

كنداسين ته هڪڙو ڏينهن وري
راند روند كنداسين."

شمس (شمس النساء) اڃا ڪجهه
چُپ چَپ هئي، تنهن هڪدم
چرڪ ڀري ائين ڳالهايو جو ڄڻ ته
ڪا نئين ڳالهه دماغ ۾ اچي
ويئي هيس. سو رڙ ڪري
چيائين، "اچو ته سياڻي گُڏين
راند ڪريون."

نمو، نبيله کي چيو، "نبيله
تو وٽ ڏاڍي سهڻي گڏي آهي؛
ڇو نه ان جو وهانءُ ڪريون؟"

نبيله: ها ادي، ڪو گهوٽ به ته
منهنجي سدا ملوڪ گڏيءَ لاءِ
مليم!

شمس وري خوشيءَ وچان
ڳالهايو، ته ادي منهنجي ڀاءُ
رفيق وٽ ڏاڍو سٺو گڏو آهي،
ڪيس ماما ٻاهران آڻي ڏنو آهي.
هاڻي ته مان سياڻي صبح جو ادي
رفيق جي گڏي لاءِ سَڱ، گهرڻ
ايند يس.

شيرين چيو: گُڏو گُڏي ته
ٿيا تيار، پر ڄڃ ڪٿان ايندي؟

نبيله: آي ادي، گڏيون
ڪنهن وٽ ڪونه هونديون؟
پنهنجي پاڙي ۾ ٿي ريحانه،
رخسانه، شهلا، شاذيه، لُبنه ۽ عزه
انهن سڀني وٽ ٻه ٻه، ٽي ٽي
گڏيون ضرور هونديون، تن کي
ڄڃ ۾ شريڪ ڪنداسون.
مطلب ته تاريخ ۽ وهانءَ جو
وقت مقرر ٿيو. سڀ پنهنجي
گهرن ڏانهن روانيون ٿيون.
صبح ساڻ نبيله ۽ ثمينه ٻئي
ڀينرون سويل اسڪول جي وقت
اٿيون، ۽ پاڻ ۾ ڪي سٽائون
پئي سٽيائون ته سندن ماءُ، جا
اڃا مُصَلّي تان مس اٿي هئي،
تنهن نياڻين کي ايترو سويل
جاڳندو ڏسي چيو ته پٽ اڄ
اسڪول ته بند آهي، ڀلي آرام
ڪريو ها. ڌيئرن جواب ڏنو ته
سندن اڄ وڏو پروگرام آهي.
امڙ! جي گهر ۾ وهانءُ هوندو
آهي ته ڇا گهر واريون سويل
ڪين اٿنديون آهن؟ اسان وٽ به
اڄ نبيله جي گڏيءَ جو وهانءُ
ادي رفيق جي گُڏي سان آهي.

نبيلہ ۽ ثمينہ ٻئي چئي دار
چوڪريون هيون. محنتي ۽
پڙهڻ ۾ هوشيار هيون ۽ امتحان
جو نتيجو پڻ سٺو آيو هون،
ان ڪري ماڻهن ڪين خوشيءَ
سان اجازت ڏني، پاڻ سندن
مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيائين.

ٻنهي جلدي جلدي هٿ منهن
ڌوتو، ناشتو ڪيو ۽ گڏين جي
ڪپڙ ڏانهن ويون. ننڍيون وڏيون
گڏيون نڪتيون، سندن ڪپڙا
نڪتا. جيڪي ڪپڙا ميرا ٿي
ويا هئا سي ثمينہ ڌوئڻ ويئي.

نبيلہ جي گڏي سيني
گُڏين ۾ موچاري ٻئي لڳي.
ان جي هار سينگار تي خاص
ڌيان ڏنو ويو هو.

سيون ڌاڳا ڪنيائون، ستارا
۽ موتي ٻہ جنهن جنهن ڪان
جيترا ملي سگهيا، آهي لڳايائون.
جوڙا ٽانڪيائون. گهٽيون شيون
تہ نبيلہ جي ماءُ پيءُ موجود
ڪري ڏنيون.

گهر جو ورانڊو ڪشادو هو.
اُتي ڪٽون آڻيون ڪري بسترن
جون چادرون کِهلي لاٿائون ۽



ايتري ۾ ٻيون نينگريون بہ
پنهنجيون ننڍيون وڏيون گڏيون
کڻي آيون. اول تہ سيني گڏجي
گُڏين ڪي ٺيڪ ٺاڪ ڪيو.
هٿ پير صحيح ٺاهيائون. گُڏين
جا وار ٺاهي منجهن ربينون پڊائون،
يا وري ننڍڙا ڪانٽا لڳايائون.

فراسيون پٽ تي وڇايائون. چادرن
۽ ڪيسن جا پردا لڳائي
ڪمرا ٺاهيائون.

جهٽ پٽ ۾ سيني پنهنجا
پنهنجا رانديڪن جا ٿانو ٿپا ۽
ڪينوٽڙا آندا. نبيلہ ڪي تہ ماٽس
اڳ ۾ ئي راند جو سامان وٺي



ڏنو هو. آٽي ڳوهڻ جو ٿالهه، ننڍو ٽئو، ويلڻ، تختو، چار ننڍڙيون ديڳڙيون، ننڍو فرائيپان، ڏڦڻي، ننڍا ڪوپ ساسر ۽ پليٽون وغيره هيون. هڪڙو پندرهن وٽين وارو ڪاسليٽ جو چلهو پڻ ڏنس هو. باقي جن شين جي ڪوٽ هئي سا ٻين ساهيڙين پوري ڪئي.

ڀلا وهاڻ مانيءَ کان سواءِ ڪيئن ٿو ٿئي. نبيله گهران اٽو، چانور، پٽاٽا، چانهه، کير، گيهه ۽ لوڻ وغيره کنيا. ڪا اٽو ڳوهڻ لاءِ ڪٽي ويٺي، ڪا وري چانور چوندڻ لڳي، ڪنهن پٽاٽا ڇليا، چانهه ٺهي، پراٺا پيا، چانور ۽ دال تيار ٿي ۽ پٽاٽا تراڙا. آهي ڪم ته سڀني وڏين ڀينرن ڪيا. انهن سان گڏ ننڍڙيون ڀينرون شانو، ببلي، مُني، گُڏي، شمّي، ڊالي ۽ نِڪو وغيره به ته آيون هيون. آهي ويچاريون، جي ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهن، ته وڏيون ڀينرون دڙڪو ڏيئي چون ته ”آئي نِڪو، تون ڇڏ، تنهنجو هٿ سڙي پوندو.“ ته ڪا وري جهليندي چوين ته ”سائي مُنّي، توکان پٽاٽا ڇليا ڪين ٿيندا، تون اجا ننڍڙي آهين.“ جي ويچاري گُڏي آٽي ڳوهڻ جي ڪري ته سندس وڏي ڀيڻ ڪانئس اٽو کسي وٺي ۽ چويس ”اهو ڇا ڪيئي؟ ايترو يڪو ڀاڙي وجهي ڇڏيئي، هاڻي ويلڻ ته ڇڏ، اٽو ته ڳوهڻ ڏي ڏکيو ٿي پيو آهي.“

ان طرح ويچارين ننڍڙين

ڪي ته ڪم جو وارو ئي نه پيو ملي. آخر هو ٻه ته انسان هيون، هنن کي ٻه ته رڌڻ پچائڻ جي سڌ ۽ شوق هو. آخر شانو چڙي چيو، ”چا ٿي پيو جي هي اسان کي رڌ پچاءَ ٿي نٿيون ڇڏين، پاڻ هلي جدا ٿيون ماني ٺاهيون.“ سيني پاڻ ۾ سٿا ڪئي ۽ ساڳيءَ طرح ننڍڙين پنهنجو جدا ٻورچيخانو سجايو.

ٿلهي جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ٽن پٿرن جو چُلهو ٺهيو. ڊالي وٽ هڪڙي مٽيءَ جي هنڊي هئي، اُها ڪٽي چُلهي تي چاڙهيائون. هنڊيءَ ۾ ڳاڙهو چاڪ ڀوري، پاڻي وجهي، شوروو ٺاهيائون. پٿر جا ننڍڙا ٽڪر، گوشت ڪري وڌائون. ٻه-چار گُل پَتي، ٻوڙ جي سبزي ٺاهيائون. ڪاغذن جي سنهي ڪُتر ڪري چانور ٺاهيائون. هڪڙي وري ڊوڙي وڃي باغ مان آلي مٽي ڪٽي آئي ۽ ان کي ڪاپيءَ جي پاڻي تي رکي اٽو ڪري ڳوهيائين.

اڇو چاڪ ڪُٽي اُن ۾ پاڻي ملائي ڪٽي کير ٺاهيائون. ٻاهر ڪو گهر ٿي ٺهيو، اُتي ريتي پيل هئي. ڊالي چوڻ لڳي ”ٺيڪ آهي، اسان وٽ ڪڏهن ڪنڊ ميرانجهڙي به ايندي آهي“. اها ٿي ڪنڊ. پارڪ جو سڪل گاهه ٺهي چانهه جي پتي. ماني پليٽن ۾ لٿي، خالي هٿ وات تائين وڌيا ۽ پليٽ ڏانهن وريا. چانهه جا خالي ڪوپ چپن تائين آيا ۽ ساسرن تي پيا. ننڍڙين نينگرين پنهنجي ليکي گهٽو ئي ڪجهه رڌو هو. بهرحال وندُريل ته هيون.

ايتري ۾ وڏين ڇوڪرين جي ماني ٺهي لٿي هئي. هنن کي به سڌ ٿيو. پر اها ماني پيٽ ڀرڻ جوڳي ته ڪانه هئي. سج به اچي چڙهيو هو. پيٽن ۾ بک به ڏاڍي هُين. سيني نينگرين

جي ڳهڻن ـان ماني لاءِ سڏ
ٿيو. پر وهاڻ، جو شام جو
ٿيڻو هو، ان ڪري فيصلو ڪيائون
تہ سيڪو وڃي پنهنجي پنهنجي
ـاني کٽي اچي.

مانيون آيون، مختلف طعام
اچي دسترخوان تي مڙيا. گڏجي
کـاڌائـون، ڏاڍو مـزو آيـو.
ڪل مسخري ۾ چڱي ڪچهري ٿي.

ان تـي هـڪـڙو ڳـاڙهـو رئـو
وڇايائون. ڪنوار کي سينگاري
ان تي وهاريائون. شيرين گڏيءَ
کـي ننيڙو ٽڪو ۽ نـٿ ڏاهي
وڌي. شاذيہ گلن جا هار پوتا.

ڪنوار کـي سـڀ زيـور هئن،
ٻاڏهن ۽ ڳچيءَ جا وڏا ويا. پر
زيور سـڀ موتين جا هئا. ڪنوار

نبيلہ سڏ ڪري چيو، "هاڻي
جلدي ڪريو، ٽانو وغيره ميڙيو،
اچو تہ وهاڻ جي تياري ڪريون."

ڪرسين تـان گاديون کٽي

جي رئي کي ڪناري ۾ گوڏو
لـڳل هـو، گهونگهٽ ڏاهـي
وهاريو هئائون.
وراندي جي ٻئي پاسي گهوٽيتن
جـو گهر هـو. آنهن ۾ آنهيءَ

ريت تياري پئي ڪئي. گهوٽ
کي شلوار، ڪُڙتو، واسڪوٽ
ٽوپي ۽ مخمل جي جتي پاتائون.
هٿ ۾ رومال ٽانڪي ڇڏيائون.
گُڏن جي ڊورڙائي سبب جلدي
جلدي اڳڙين ۽ ڪپهه جا ننيا
وڏا ٻه چار گُڏا ٺاهي ورتائون.
آخر گهوٽ ننڍڙڪو ته نه هو.
پيءُ ۽ ڀائر ته هجنس. ان کان
سواءِ ڪنوار جي نڪاح جي
هاڪار جي شاهدي لاءِ مرد
ٺيندا آهن. افروز گُڏا ٺاهيندي
جميله سان چرچو ڪيو، "ها،
مائي، ڇوڪرن جي ته سچ ٻه
اڻاٺ آهي، تڏهن ته ڪُنوارن
کي گهوٽ ڏکيا ملن ٿا."

گهوٽيتيون به پنهنجي ليکي
تيارين ۾ مصروف هيون. گهوٽ
۽ ڪنوار لاءِ گلن جا سهرا
ٺهيا. نبيله جي باغ ۾ گلن
جي بهار لڳي پيئي هئي، تنهن
سان پي پورت ڪيائون.
گهوٽيتي دعوت تي پيئرن جا
ننڍيا ڀائر جن کي هٿا، آهي به
شام ڏاري آيا. گهوٽ جو سهرو
ستن ڇوڪرن جي مٿن تي رکي
سوڻ ڪري گهوٽ کي ڀڏو ويو.
گهوٽيتن جي گهر ريڊيو
وڳو پئي. راڳ ۾ هونءَ به
جادو ٿيندو آهي، اوڙي پاڙي
جا ٻارڙا اچي مڙيا، ڇڱي ڇيچ
تي پيئي.

گهوٽ ۽ ڪنوار جون ماميون،
ماسيون ۽ پينرون مقرر ٿيون.
ڪنوار جون ساهيڙيون ۽ سرتيون
ڪنوار جي چوڌير ويٺيون هيون.
ڪنوار جي ماءُ ڪم ڪاج لاهي،
هڪڙي پاسي انهيءَ سوچ ۾
اُداس ويٺي هئي ته "اڄ، اهوئي
ڏينهن آهي، جنهن لاءِ ماءرون
ڏيئرن جي جمڻ تي غمگين
ٿين ٿيون."

ريحانه سڏ ڪري چيو "امان!
ڪنوار کي ته ساٽ ڪرايو!
روئي روئي پيئي اجائي جان
ڳاري." ته وري پيءُ چيو،
"آخر نياڻين کي مائٽن وٽ هميشه

تہ رهڻو ڪونهي." ڇڄ مان وري
ٽين ڪالهايو، "آئي آدي، جي
نياڻي مائٽن وٽ وڏيڪ وقت
وهي تہ نہ مائٽن کي سُک ۽ نہ
زماني کي آرام." چوٿين چيو،
"امان، نياڻيون تہ جهرڪيون
آهن، مائٽن وٽ جڏهن انهن جي
نصيب جو چوڳو ختم ٿئي تہ
اُڏاميو وڃن." پنجين ۽ وراڻيو،
"ها امان، دل بہ خالي تہ
هڙ بہ خالي."

گهوٽيتن جي اچڻ جي ويل
ٿي. گهوٽيتن لاءِ ٺمينہ ماسيءَ جي
ڪاڙهي شال وڇائي. هنن جو مان،
ڪنواريتن کان جو وڏيڪ هو،
سو گلن جا هار ٺاهيائون ۽ کين
وجهڻ لاءِ ڪنوار جي ساهيڙين
وٽي ڪيچ ڪاتا.

ايتري ۾ گهوٽيتن جي اچڻ
جي خبر آئي. اٺي جو ٽين جو
دپو دهل ڪري وڄائيندا ڪائيندا
اچي ڪنواريتن جي گهر پهتا.
سندن ڏاڍي آجيان ٿي. ننيڙي
ٻار جي پينگهي مان ننيڙو ڪاڙهو
گاديلو سيج ڪري وڇايائون.

نڪاح پڙهڻ لاءِ هڪڙو
چوڪرو ٽوپيءَ تي رئو ٻڌي،
پڳ ٺاهي، اکين تي چشمو
چاڙهي، هٿ ۾ لکڻ ڪٽي مولوي
ٻڻجي آيو. ٻہ چوڪرا شاهد ٿيا،
جن ڪنوار کان هاڪار ورتي.
پوءِ گهوٽ ڪنوار کي لائون
ڏنيون وييون، پيا سات سوڻ ٿيا.
هاڻي ڪنوار ٿي پرائي ۽ گهوٽ
جي قبضي ۾ آئي.

پوءِ تہ سڄي جڄ اُداس پئي
لڳي. گهوٽ اٿي هليو. ٻئيان
وري ڪنوار جي مائٽن ۽ سهيلين
کان موڪلائي ٿي.

ايتري ۾ سانجهيءَ جي بانگ
ٻُڌڻ ۾ آئي، نبيلہ جي ماءُ سڏ
ڪري چين "امان، هاڻي وهانءُ
پورو ٿيو، ۽ راند ختم ڪريو،
سڀ ڏڪي پيون هونديون."

پولڙي جي پُل

هڪڙي پيري ڪنهن پولڙي کي بُک اچي ورايو، سو درياءَ جي ڪناري تي بيٺل گهاٽن وڻن تي ڪاڏي جي ڪولا ۾ ٽپا ڏئي ڏنائين. آتي ڪو نوريئڙو به رهندو هو، جنهن اچي ڪيس ٻڌايو تہ درياءَ جي ٻيءَ پر تي ميوي جو هڪ وڏو باغ آهي، باغ کان ٿورو اڳتي هڪ پاسي هنداڻن جي واڙي آهي تہ ٻئي پاسي وري ڪمند جو فصل تيار بيٺو آهي. هاڻي تہ هن جو هيڪاري سڪ ڦٽي ويو هو. بس جيئن ميوي جو تصور ڪري، تيئن سندس ٻي چيني وڃي وڌندي.

هونئن بہ هن جانور کي جبُ گهٽ ايندي آهي. ڇرڀر کان سواءِ اصل رهئي ڪونہ. ڪيڏي مهل پيوٽنگون ڪنهيند و تہ ڪيڏي مهل ويهي پيٽ کُٽي. جي پيٽ کُٽي بس ڪري، تہ

ويهي مٿو کَنهي، ۽ جڏهن مٿو کَنهي ٿڪجي، تڏهن ويهي هٿن کي ڏسي.

هوا لڳڻ تي درياءَ جي ٻيءَ پر تان ميون جي خوشبوءِ اچڻ لڳيس. ناسون ڦاڙي سُون سُون ڪري سُنگهڻ جي ڪوشش

ڪري. جيئن ڪيلن ۽ زيتونن جي خوشبوءِ اچيس ڏيئن وات پاڻي ٿئيس، ۽ اهو پيو سوچي ته ڪيلا ڪهڙا نه مٺا هوندا، ۽ زيتون به ڏاڍا مٺا ٿين ٿا!

مطلب ته ٻولڙي کي هڪ پاسي بُک اچي بيتاب ڪيو هو ته ٻئي پاسي وري سوادي ميون ڪائڻ جي لالچ اچي ورايو هوس. سو انهيءَ تڙپ ۾ ڪيڏيءَ مهل ٽپ ڏيئي وڻ تي چڙهيو وڃي ته وري گهڙي کن ڪان پوءِ وڻ تان ٽپ ڏيئي اچي درياءَ جي ڪپ تي ڪري. نيٺ اهو خيال آيس ته ڪوشش ڪري ڪٽي درياءَ پار ڪجي. پر ٻولڙا پاڻيءَ ڪان به ته پري ڀڄن. سو ڊپ وچان

وري ڊوڙي وڃي وڻ جي چوٽيءَ واري ٽار تي چڙهيو. هيءَ ڏار به ڪو سنهو هو، جيئن ئي ٽار تي ٿورو جهولڻ لڳو ته هڪ ٻن لوڏن ڪان پوءِ ٽار ٽٽي پيو، ۽ ٻولڙي درياءَ جي اندر ڪناري تي ڀيل هڪ ٿُڙ تي اچي ٿڪو ڪيو. مڇاڻ اهو ٿُڙ هڪ واڳونءَ جي پُٺ هئي. واڳون به پاڻيءَ جي ڇولين ڪان پاسو ڪري، درياءَ جي اندرين ڀر ۾ اچي سمهي پيو هو. سندس منهن ۽ پُڇ، واريءَ ۾ ڍڪجي ويا هئا. ٻولڙي جي ڪرڻ سان هو جاڳي پيو. ڏاڍي چڙ ۾ اچي چيائين، "نالائق! ننڊ ڇو ڦٽائيئي؟" ٻولڙي ٻهريائين ته ڊپ وچان چيس، "سائين! مون سمجهيو ته ڪو ٿُڙ پيو آهي." پر پوءِ وري حقيقت ڪولي ٻڌايائين ته وڻ جي ٽار تي ويٺو هوس، جنهنجي ٽٽڻ سان آئون اچي اوهان جي پُٺيءَ تي ڪريس.



پولڙي واڳونءَ کان ڏاڍيون
معافيون ورتيون. پوءِ ته واڳونءَ
جي ڪاوڙ به وڃي ڪجهه
ڍري ٿي.
آخر پولڙي پنهنجي اصل منشا
ٻڌايس ۽ منٿ ڪيائينس ته
مون کي پنهنجي پُٺيءَ تي چاڙهي
درياءَ جي ٻيءَ پر تي وٺي هل،
جتي ڏاڍا مزا لڳا پيا آهن. پر
واڳون اڃا به پولڙي کي
هيسائڻ لاءِ وڏي آواز ۾ چيو،
"ڪهڙا مزا لڳا پيا آهن! هاڻي
وري مون کي لالچ ٿو ڏين!!
تون ته ڏاڍو ڪو خوشامدي ۽
چاپلوس ٿو ڏسجين!"
حقيقت ۾ واڳونءَ جي ذنب
جي سستي اڃا ڪانه لٿي هئي.
ان ڪري پي نٽايائين، پر
پولڙي به منٿن ڪرڻ کان ڪين
گهٽايو. آخرڪار اها لالچ
ڏنائينس ته آئون توکي به
ڪيلا ۽ زيتون کارائيندس.
واڳون وراڻيو ته مون کي
ميوي کان وڌيڪ گوشت وڻندو
آهي. مانيءَ جي مهل وري

ڪي ميوا ڪائبا آهن ڇا؟
تنهنجي ته ماني به ميوا آهن.
پولڙي وري منٿ ڪري
چيس، "آئون توکي ننڍا وڏا
پکي ۽ جيت جڙا جهلي آڻي
ڏيندس. اڙي مورک! توکي به
ڏاڍا مزا ڪرائيندس، تون رڳو
هُن ڪپ تي هل ته سهي."
واڳونءَ کي به سمهي اُٿڻ
کان پوءِ ڪاڌي جي گهرج هئي،
سو پولڙي تي ڪٽي ٽورو
ڪيائين ۽ کيس درياءَ جي هُن
پر وٺي هلڻ لاءِ راضي ٿيو.
پولڙي جي به خدا ٻُڌي،
سو ٽپ ڏيئي واڳونءَ جي پُٺيءَ
تي چڙهي ويٺو. واڳون ڪِسڪي

درياءَ ۾ آيو، ۽ هاٿي هنن جو
سفر شروع ٿيو. ترندي ترندي
جڏهن واڳون وچ درياءَ ۾
آيو، تڏهن خيال آيس ته متان
ٻولڙو ساڻس ڪو ڏوکو نه
ڪري، سو شرارت وچان اوچتو
جو ٻُٽيءَ کي لوڏو ڏنائين ته

وعدو ورتو ته ڪاڏي لاءِ ڪو
شڪار يا سٺو ميوو ضرور هٿ
ڪري ڏيندين!
ٻولڙي قسم کڻي چيو،
"مون تي ڀلائي ڪر، آئون
توکي دل گهريو ڪاڌو ضرور
هٿ ڪري ڏيندس."
خير، واڳونءَ وري ترڻ شروع

ٻولڙو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪِريو.
انهيءَ تي ٻولڙي کي ڏاڍي
اچرج به لڳي ۽ ڊپ به اچي
ورتس. آخر ڦٿڙاڏيون کائيندو
وري اچي واڳونءَ جي ٻُٽيءَ تي
چڙهيو. واڳونءَ وري کانئس

ڪيو. تري تري آخرڪار اچي
منزل کي ويجها ٿيا. ٻولڙي نه
اِتي پنهنجي اصلي عادت ظاهر
ڪرڻ شروع ڪري ڏني.
چيا ڪيائين جو، واڳونءَ جي
ٻُٽيءَ تي وٺي ٽينگ ٽپا ڏيڻ

شروع ڪيائين. واڳون به ڪاوڙ
وچان چوڻ لڳو، ”ٻُڪيا، ڪجهه
صبر ته ڪر.“
پولڙو ته ڪناري کان وک
پنڌ اورتي ئي واڳونءَ جي

پٺيءَ تان ٽپ ڏيئي لهي هليو
ويو، ڪناري کان هيٺ لهي جو
ڪٽي ڏسي ته ڪيلن جو فصل
سچ پچ تيار بيٺو هو.

ڪيلن جي وڻن ۾ ايڏيون
وڏيون ڳڙهون ڏسي پولڙو خوشيءَ
۾ نه پيو ماپي. هڪڙي هڪڙي
ڳڙه ۾ ٻارهن درجن ڪيلا هجن.
وري زيتونن جي وڻن ڏانهن
ڊوڙيو. تازا تازا، ساوا پيلا
زيتون ويو پٽيندو، ۽ کائيندو.
ڪا مهل گذري ويئي، واڳون
به ڪاڏي جو انتظار ڪري
ٿڪجي پيو هو. سو سڏ ڪري
چيائينس، ”او پليل پولڙا!
پنهنجو وعدو وساري ڇڏيئي،
رڳو پنهنجي پيٽ پوڄا ۾ لڳو
پيو آهين.“

پولڙي واڳون سان پٺي ٿلهي
ها ها ڪئي ۽ ڪوڙا دلاسا
ڏيندو رهيو. جيتوڻيڪ زيتونن
جي وڻن ۾ پکي پرند به پٺي
آيا ۽ ويا. پر پولڙي کي پنهنجو
پيٽ پيارو هو، ۽ واڳونءَ جو
ذري برابر به خيال نه ڪيائين.

واڳونءَ جي ٻيهر چوڻ تي
چا ڪيائين جو سٺو سٺو ميوو
ته پاڻ کاڌائين ۽ ڪچو ۽ سڙيل
ميوو واڳونءَ ڏانهن اڇلايائين.
سو به اهڙيءَ بي پرواهيءَ سان
اڇلائي ٿي ڏنائينس جو ڪو
ميوو وڃي پاڻيءَ ۾ ٿي ڪريو
ته ڪو وڃي واريءَ تي ٿي
ڪريو.

پولڙو ڪيلن تان ٽپو ته
اچي هنداڻن جي ولين تي ٽُٽو.
هنداڻن جا هٽي هاچا ڪيائين.
ڪيس جا اَڃ لڳي هئي سا به
هنداڻن کائڻ سان وڃي
ڊري ٿيس.

نيٺ واڳونءَ کان به رهيو
نه ٿيو ۽ گوڙ ڪري سڏ ڪيائين،
پر پولڙي ذرو به خيال نه ڪيو.

واڳون کي ڏاڍي ڇرڪ آئي. پهرياڻين سوچيائين ته ڪيس اٿيئي ڇڏي هليو وڃي، پر وري اهو خيال ڪري ترسي پيو ته هليو وڃڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ پيٽ به خالي ته پُٽ به خالي رهندي. ڇو نه پولڙي کي پُٺ تي ويهاري پنهنجو پيٽ ڀريان. آخر سانجهيءَ جو وقت اچي ٿيو. واڳون ٻڪ ۾ ساڻو ٿيو ليٽيو پيو هو. ۽ بدلي وٺڻ جي باهه به اندر ۾ آڌما پئي ڏنا. پولڙو به ڪمند جي رس کي وارو ڏيئي موٽيو، ۽ اچي واڳونءَ کي چيائين، "ادا واڳون! معاف ڪجانءِ، جو ڏاڍي دير تي ويئي آهي، ۽ وري تنهنجي لائق ڪو شڪار به نه ڦاٿو. ادا، پنهنجو پنهنجو نصيب آهي."

واڳون به ڪاوڙ ۾ باهه ٿيو ويٺو هو. ڪيس جواب ۾ فقط ايترو چيائين ته، ها پٽ تنهنجي نصيب جي توکي هاڻي خبر پوندي.

بيوقوف پولڙو واڳونءَ جي ان ڳالهه کي سمجهي نه سگهيو ۽ خوشي خوشي ۾ اچي هُن جي پُٺيءَ تي سوار ٿيو. واڳون به محسوس ڪيو ته پولڙي جو وزن واپسي جي وقت ڪجهه وڌيڪ ڳرو هو، ۽ خوش ٿي سوچيائين ته شڪار ٽڪڙو هجي ته سٺو. واڳون تڙندي ترندي جڏهن وچ درياءَ ۾ پهتو، ته پُٺيءَ کي جيئن زور سان لوڏو ڏنائين، تيئن پولڙو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريو. بس پوءِ ته پولڙي جي رڙ هيٺ، رڙ مٿي، "مون کي بچاءِ آئون ٻُڏان ٿو، ادا واڳون، مون کان ڀُل ٿي؛ مون توبهه ڪئي، مون کي معاف ڪر!"

پر هن ڀيري واڳون پولڙي جي هڪڙي منٿ به نه ٻڌي، پاڻ وراڻي ڏنائينس، "رهين درياءَ جي ڪپ تي ۽ وجهين ٿو واڳونءَ سان وير." آئون

اصل نہ چڙ يند وسانء. جهليند يئي
پولڙي کي ڇيري ڦاڙي ڪائڻ
شروع ڪري ڏنائين. ڪائي

جڏهن ڏِ ء ڪيائين، تڏهن ساڳئي
ڪَپ تي اچي آرام سان
سُمهي رهيو.



بزرگ جوباز

صبح جو ويتل، مٿان اچي
منجھند ٿي هئي، پر دين محمد
جي ڄار ۾ اڃا تائين ڪابه
مڇي نه ڦاٿي هئي. هو ان
آسري تي ڄار پاڻيءَ ۾ وجهيو
ويٺو رهيو ته من ڪا مڇي ڄار ۾
اچي ڦاسي. مڇيءَ جي انتظار ۾
ويهي ويهي اچي ٿڪو. هيڪر
بيزاريءَ وچان سوچيائين، ”وڃي
گهر ٿو ڀون اهي مڇيون، آٽي
ڪڙو ٿيان.“ پر جيئن ته اڄ
ڪيس پيسن جي لوڙ به ڏاڍي
هئي، ان ڪري اميد تي دل
ٻڌي ويٺو رهيو.
ٿوري ٿوري دير کان پوءِ

جڏهن ڄار ۾ ڪا شيءِ ڦاسندي
محسوس پئي ڪيائين ته جهٽ
ڏيئي ڄار کي ڇڪي ٻاهر ڪي
ڪڍيائين، پر ڄار ۾ ڪنهن مهل
درياهي ٻوٽن جون پاڙون ۽ پن
اٽڪيل پئي مليس ته ڪڏهن ڪڏهن
مهل وري ڪک ۽ ڪاٺيون اچي

پئي ڦاٿيون، پر نه ڪا مڇي، نه
مڇيءَ جي ذات.
دين محمد ڪي دل ۾ ڏاڍو ارمان
هو. جانوءَ جا اُگهاڙا پير، شاهده
جو ڪليو مٿو ۽ صالحان جون ٻُڌيون
ٻانهون پئي ذهن ۾ ڦريس. دل ۾
سوچيائين پئي ته، "الله وڏو آهي،
آخر ڪا مڇي موڪليندو."
دين محمد ويٺي ويٺي اوچتو
مٿي نظر ڪئي ته ڪيس هڪڙو
سونو باز لامارا ڏيندو نظر آيو.
باز ٿوري دير کان پوءِ
ڏينوءَ مٿان گهرو ڏيئي هليو
پئي ويو.
دين محمد باز کي ڏسي، اُميد
جو پلاند اچا ٻه سوگهو جهليو.
ڇو جو کيس اها خبر هئي ته باز
جو کاڌو مڇي ٿئي ٿي، ۽ باز
جي نظر انسان جي نظر کان
وڌيڪ تکي ٿيندي آهي. باز
کي پري نه ٿيندو ڏسي،
دين محمد کي پڪ ٿي ويئي ته
پاڻيءَ ۾ مڇيون ضرور هونديون.
دين محمد انتظار ۾ ويهي ويهي
ڏاڍو ڪُڪ ٿيو. بدن ۾ ٽَڪ،

دل ۾ ارمان ۽ دماغ ۾ گهرجن جو خيال هجيس. لاچار اُٺي وڃڻ جو سوچيائين. اڃا اُٺي بيٺو ئي مس ته پرڀان هڪڙو بزرگ اڇا ڪپڙا پاتل ڏانهس وڌندو نظر آيو. دين محمد حيرانيءَ سان ڏانهس ڏسڻ لڳو.

بزرگ جڏهن دين محمد جي ويجهو آيو ته ڪانئس سوال ڪيائين، ”ڇا تون صبح کان هت وينو آهين؟ ۽ ڪاٺ مڇي ڪانه ڦاٿي اٿيئي؟“

دين محمد ڏاڍي ادب سان وراڻيو، ”هائو سائين، آئون ڏاڍو پريشان آهيان. صبح کان وٺي اچي هيءَ مهل ٿي آهي، پر اڄ قسمت خراب اٿم، جو ڪنهن مڇيءَ جهل ڏني ئي ڪانه.“

بزرگ چيس، ”دل ننڍي نه ڪر، بسم الله ڪري اڃل چار پاڻيءَ ۾. الله جي حڪم سان ايتريون مڇيون ڦاسنديون، جو جهلڻي جهل نه ڏينديءَ. پر هڪڙو وعدو ڪر.“ ”سائين، اوهان حڪم ڪريو.“ دين محمد



ڏاڍي خوشامدي نموني ۾ چيو.
بزرگ وراڻيو، "جيڪي مڇيون
تنهنجي ڄار ۾ ڦاسن، تن مان
اڌ مڇيون تون ڪڍجانءِ ۽ اڌ
مون کي ڏيئي وڃجانءِ. منهنجي
جهوپڙي، اجها اها گس پنڌ تي
ڏسجي پيئي."
دين محمد خوش ٿي وراڻيو،
"حاضر سائين، مون کي مڇيون
ملن ته سهي، پوءِ آئون ضرور
ائين ڪندس، جيئن سائين جن
حڪم ڪيو آهي." بزرگ هليو ويو.
دين محمد بسم الله ڪري
ڄار پاڻيءَ ۾ وري اڇلايو. ڄار
ڪرنديئي ويو مڇين سان ڀربو.
بس هاڻي ته دين محمد خوشيءَ
۾ نه پيو ماپي. ڏاڍي خبرداريءَ
سان مڇين کي سنڀالي چليءَ ۾
پئي وڌائين. پل کن لاءِ کيس
اهو خيال به آيو ته بزرگ انهن
مڇين مان اڌ مڇين جو کيس
ڏيڻ لاءِ چيو هو. پر وري بزرگ
کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندي
بزرگ جي ان ڳالهه کي ڪو
وزن نه ڏنائين. دل ۾ ڪجهه
لالچ ٿيس ته چو نه آئون اهي



سموريون مڇيون وڪٽي گهر جون ضرورتون پوريون ڪريان ۽ اڌ مڇين جي ملهه مان فقط گهر جو اڌو چاڌور ۽ گيهه ڏيندو، پوءِ باقي ڪنڊ، مصالحا مٽا، صالحان جون چوڙيون، جانوءَ جو بوٽ ۽ شاهده جي گندي ڪٿان ڏيندي؟ دين محمد دل ۾ ئي سوچڻ لڳو، "جونه سڀ مڇيون آڏون ڪٽي وڃي ٻچڙن جون سڀ گهرجون پوريون ڪريان. بزرگ ته آهي هڪڙو ڇڏو، سو ايتريون مڇيون ڪيڏانهن ڪندو. ڪيس وري سياڻي ڪٽي ڦاسائي ڏيندس — ۽ وري بزرگ کي ڪيئن خبر پوندي ته منهنجي جار ۾ مڇيون ڦاٿيون يا نه، ۽ جي ڦاٿيون ته ڪيتريون؟"

دين محمد اهو بلڪل غور نه ڪيو ته ساڳئي سوني باز مٿانئس ساندهه لامارا پئي ڏنا. آن ڏانهن به هن ڪا مڇي ڪانه اڇلائي. حقيقت ۾ دين محمد نااُميدي ۽ گهرج جي وقت الله پاڪ کي ياد ڪندي آسمان ڏانهن ڏي نهاريو، پر جڏهن سندس چار ۾ مٿاريون مڇيون اچي ڦاٿيون، تڏهن ته هن جي نظر آسمان ڏانهن اُٿي ئي ڪانه، بلڪ مڇين سنڀالڻ ۾ محو هو.

دين محمد جي هٿن ۾ پيسن جي ڳوٿري ڏسي زال ۽ ٻار ڏاڍا خوش ٿيا. دينوءَ زال کي چيو، "صالحان جهٽ ڪر، ماني ٽُڪر ڏي ته ڪائي بازار هلون."

صالحان پڇيس، "ايتري دير ڪٿي لاتئي؟"

دينوءَ وراڻيو، "اڙي ڀاڳن ڀري! تڏهن اها پيسن جي ڳوٿري آسمان مان ته ڪانه جهٽي اٿم، اها محنت جي ڪمائي آهي. صبح کان هيءَ مهل اچي ٿي آهي، تڏهن مس وڃي مڇيون چار ڏانهن مُڙيون. وري به جي اهو بزرگ نه اچي ها ته اجان جيڪر درياءَ جي ڪپ تي ويٺو هجان ها."

"هاڻي دير نه ڪر، لَٽا مٽائي وٺ ۽ ٻارن کي به تيار ڪر. جانڌو بوٽ لاءِ پيو روئي، مائي

شاهده گنديءَ لاءِ پئي گوڙ ڪري، ۽ وري تنهنجون پُٽيون ٻانهون ٻه ته نٿيون ٿين." دينوءَ ڏاڍي پيار ۾ چيو. صالحان نٽائيندي وراڻيو، "ها، پر گهر ۾ اٽو، چانور ۽ گيهه ٻه اچي کُٽا آهن." "ها-ها، سڀ ٿي ويندا، پيسا ججها اٿم، فڪر نه ڪر." دينوءَ ڪجهه رعب سان ڳالهايو.

ماني کائي دينو ٽانگي لاءِ روانو ٿيو. سندس زال ۽ ٻار اڃا تياريءَ ۾ رُڌل هئا ته دينو ٽانگو وٺي آيو. دينوءَ در تي خوشيءَ مان پيسن جي ڳوٿريءَ کي اُڇلون پئي ڏنيون ۽ خيالي پُلاءَ پئي پچايائين. هو انهيءَ انتظار ۾ هو ته اِجهو ٿا گهر وارا سنيري ٻاهر نڪرن. ايتري ۾ پريان ساڳيو سونو ٻاز لامارا ڏيندو نظر آيس. دين محمد انهيءَ کي بنان ڪنهن فڪر جي جاچيندو رهيو. پل ڪن ۾ ٻاز



دينوءَ جي گهر تائين پهچي ويو.

دين محمد اڃا پنهنجي نظر هيٺ ڪئي ئي ڪونه ته ٻاز جهٽ ڏيئي اُها پيسن جي ڳوٿري سندس هٿ مان ڪسي هليو ويو.

دين محمد ٻاز جي انهيءَ حرڪت تي چرين وانگر ٻاز جي پٺيان ڊوڙڻ لڳو. اهو وساري ڇڏيائين ته ٻاز هوا جي گهوڙي تي سوار آهي ۽ پاڻ زمين تي ڊوڙي رهيو آهي.

دين محمد رڙيون ڪندو، گهوڙا گهوڙا ڪندو ڊوڙندو رهيو. باز انهيءَ ساعت ڪوٺڙيءَ جا سڀ پيسا ساڳئي درياءَ ۾ وڃي اڇلايا ۽ خالي ڪوٺڙي آڻي بزرگ جي جهوپڙيءَ جي ٿلهي تي ڦٽي ڪيائين.

دين محمد روئندو رڙندو اچي انهيءَ جهوپڙيءَ تائين پهتو، جا ڪيس بزرگ ڏيکاري هئي. بزرگ روئڻ جو آواز ٻڌي ٻاهر نڪري آيو ۽ دين محمد کي ڏسي حيران ٿيو، ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيائين.

دين محمد شرم وچان ڳالهه نه پئي ڪري سگهيو، فقط "ڦرجي ويس"، "لُٽجي ويس" جي واٽي وات هجيس. بزرگ جي زور پرڻ تي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. بزرگ سڄي ڳالهه ٻڌي ڪيس چيو، "ابا! هاڻ مان تنهنجي مدد نٿو ڪري سگهان. پاڻيءَ مان پيسا ڪيڻ نه تنهنجي وس جي ڳالهه آهي ۽ نه وري منهنجي وس جي. تو جهڙي نيت رکي، تهڙي مراد پرايئي. اڳتي لاءِ اهڙو ڪم نه ڪجانءِ."

"اهو باز مون پاليو آهي. تو اهو وساري ڇڏيو ته باز ڏاڍو ذهين پکي ٿيندو آهي، ۽ پنهنجي مالڪ سان پڻ وفادار رهي ٿو."

ويچارو دينو پنهنجو مٿو ائين هٿن ۾ جهلي ويهي رهيو، ڄڻ ڪا لٽ لڳي هجيس. سچ ته اها لالچ جي لٽ هئي، جا ڪيس نيت جي بدلي ڪاپار ۾ لڳي هئي ۽ جنهن ڪيس تاحياتي سبق سيکاري ڇڏيو هو.

ڪينھوڙي تي ڪيٽو

"امان، امان، او امان!" راحيل ماءُ کي ڪمري ۾ ڳوليندي پئي سڏ ڪيا. "آيس ابا، آيس. ڇو پيو رڙيون ڪرين؟ ماڙھو صبر تہ ڪري." ماڻس ويجھو اچي چيائينس: "ھاڻي ٻڌاءِ، ڇو ٿي سڏيئي؟" راحيل انگل ڪندي چيو، "امان مون کي ٻيو ھوائي جھاز وٺي ڏي." ماڻس چيو، "بابا، ھفتو کن مس ٿيو آھي جو پٺھين ھوائي جھاز وٺي ڏنو ھيئي. وڃ پٽ، مون کي ڪم ڪرڻ ڏي."

"نہ امان، مون کي ٻيو ھوائي جھاز وٺي ڏي. ھي ڏس، ھي تہ ھاڻي ھليئي ڪونہ ٿو." راحيل وري ماءُ کي چيو.

ماڻس ڪانئس ھوائي جھاز وٺي چابي چڱي طرح ڦيري ڏنائينس. جھاز زمين تي رڪڻ سان ڪجھ تہ ھليو.

راحيل وري ڪيٽو ڪندي چيو، "نہ امان، مون کي ٻيو وٺي ڏي. اھو سولو ھلي ئي ڪونہ ٿو. ظفر جي پيءُ ڪيس منھنجي







جهاز کان وڏو جهاز وٺي ڏنو آهي. آن جون ڀيڻيون ٻه پرن ٽيون ۽ آهو پنٽي ٻه هلي ٿو."

"ها بابا، ظفر جو پيءُ تازو لنڊن مان آيو آهي، آتان آندو هوندائين. پر، پاڻ غريب ماڻهو آهيون، اهڙو جهاز نه وٺي سگهنداسين. وچ، ڏاهو پٽ آهين نه، وچي راند ڪر." ماڻس پيار سان سمجهائي ڇيس.

راحيل ماءُ جي ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ڏنو ۽ وري ضد ڪندي چيائين، "نه امان، بس مون کي هوائي جهاز ضرور کپي. بابا کي چئو ته مون کي به ظفر جي جهاز جهڙو جهاز وٺي ڏئي."

ماڻس ڪڪ تي چيس، ”راحيل!
سر نہ کپاءِ، وڃي راند ڪر.“

راحيل ضد تان نہ لٿو. ڪيٽو
ڪندي چيائين، ”امان! ڇا سان
راند ڪريان. هوائي جهاز تہ
هلي ئي ڪونہ ٿو.“

ماڻس کي راحيل جي ضد تي
ڪجهہ ڪاوڙ آئي ۽ دڙڪو
ڏيئي چيائينس، ”ڏس! تنهنجي
پيڻ نسيم جي گڏي بلڪل نئين
رکي آهي. هوءَ توکان ننڍي
آهي، پر پنهنجا رانديڪا ڪيئن نہ
سنڀالي ٿي رکي. تنهنجا رانديڪا
تہ هوڏي آيا ۽ هوڏي ڀڳا. وڃ،
مون کي ڪم ڪرڻ ڏي، اجايو
سر ٿو کپائين.“

راحيل هيڪر تہ ويو، پر
گهڙيءَ کان پوءِ وري اچي نئون
راڳ شروع ڪيائين: ”امان!
ڀلا جي هوائي جهاز نئي وٺي
ڏين تہ مون کي سائيڪل وٺي
ڏي. ڏس، رضو (رياض) کي
سندس مائٽن ڪهڙي نہ سٺي
ڳاڙهي سائيڪل وٺي ڏني آهي!“

ماڻس وري سمجهائيندي چيس،
”پٽ! ٻين جي ريس ڪرڻ چڱي
ڳالهہ ڪانهي. رضوءَ جي ماءُ
ڪيس سڄو ڏينهن اڪيلو
ڇڏي نوڪري تي هلي ٿي وڃي.
پر مان تہ سڄو وقت توسان گڏ

آهيان. تنهنجو پيءُ به توکي ڪيترو نه پيار ٿو ڪري! ڪڏهن به توکي ڏڪو نـه ڏنو اٿس. اهوئي سبب آهي جو تون نٽر ٿي پيو آهين. رياض جي پيءُ کيس ڪيڏي نه مار ڏني هئي. پوءِ جي سائيڪل وٺي ڏنائين ته چا ٿي پيو."

ايتري سمجهائڻ کان پوءِ بـه راحيل تيسو ڪري روئڻ لڳو. ماڻس ڪاوڙجي چيس: "هاڻي جي ماٺ نٿو ڪرين تـه ڏينديسانءِ مار. وڃ، وڃي پڙهه! سڄو ڏينهن راند ۽ رانديڪن جي جهوري لڳي پيئي اٿيئي. هاڻي وڃ، مون کي تنگ نه ڪر."

راحيل کي به ڏاڍي ڇڙ اچي ويئي، ڇو جو ماڻس سندس ڪابه ڳالهه نـه مڃي هئي. روئندو، ٻڙٻڙ ڪندو چوڻ لڳو: "مان نه پڙهندس، مان چيو نه مڃيندس، مان ماني نه کائيندس —— اصل نه کائيندس. مان نسيمه جي گڏي پڄي ڇڏيندس." آون آون ڪندو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

ماڻس کي به ڏاڍي ڇڙ هئي، تنهن راحيل جي ڌمڪيءَ جي پرواهه ئي نـه ڪئي ۽ وڃي پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي!

راحيل ڪمري ۾ وڃي ٽا-ٽُو شروع ڪئي. ٻال ڪٽي اُڇل، تـه ننڍڙي گـاڏي ڪٽي اُڇل، اِجهو موٽر ڦهڪو ڪيو، تہ وري ننڍڙي ٽينڪ جا ٽيا ٽي ٽُڪر. وري ڏنائين پيڻ جي رانديڪن کي ڦيرو. گُڏيءَ جو پَلنگ، جو اُتي پيو هو، سو بـه ڪيائين



ٽُڪرا ٽُڪرا. انهيءَ پيچ ڏاهـ
ڪندي ڪندي راحيل ٿڪجي،
ساٿو ٿـي، ليٽي پيو. نسيمہ جي
گُڏي هڪڙي ڪنڊ ۾ ويٺي، اهو
تماشو ڏٺو. تنهن جڏهن پنهنجي
پلنگ جـي بربادي ڏٺي، تہ
ڏاڍو ارمان ٿيس. گُڏي راحيل
کـي سمجهائڻ لاءِ جيئن چـپ
چوريا تہ راحيل کي مٿس ڏاڍي
ڪاوڙ آئي. ڪٿنديئي گُڏيءَ
کـي زور سان پٽ تـي هـٽـي
چيائين: "آئي آهي وڏيري
مون کي سمجهائڻ. اسان هڪڙي
ڪافي ڪونهي، جـو وري تـو
پـڪـ پاتـي آهي، مون کـي
نصيحت ڪرڻ جي؟"

نسيمہ جي گڏيءَ کي آچلائي
پٽ تـي هـٽـڻ سان آها گـڏي
مٿجي هڪڙي سُهڻي پري تـي
پيئي. راحيل حيرت وچان ڏانهس
ڏسڻ لڳو.

راحيل جي ڇهري تي ڪجهہ
ڊپ ۽ ڪجهہ اچرج بہ هئي.
هٻڪندي هٻڪندي پڇيائين،
"تون ڪير آهين ۽ هت ڇو
آئي آهين!"

پريءَ مرڪي چيس، "آئون
نيلم پري آهيان، توکي روئندو
ڏسي، مون کي توتي رحم
اچي ويو."

"تون ڪٿ ٿي رهين؟"
راحيل پڇيس.

"مان آسمان تي ٿي رهان.
توکي راندڪا کپن؟" پريءَ
وراڻيو.

راحيل: ها، ها، مون کي کپن.

پري: تہ پوءِ توکي مون سان
هلڻو پوندو.

راحيل: ڪٿي؟

پري: پري، ڏاڍو پري!

راحيل: آسمان کان بہ پري؟

پري: ها، آسمان کان بہ پري،
پر اُتي اهڙا اهڙا راندڪا
ڏسندين جو تو پنهنجي حياتيءَ ۾
ڪڏهن ڏٺا ئي ڪونہ هوندا.

راحيل ڏاڍي تماشائيءَ سان
پڇيس: "اهڙا راندڪا، جيڪي
لنڊن ۾ بہ ڪونہ هوندا؟"





پريءَ ٺهڪ ڏيئي چيو، "لنڊن جي رانديڪن جي هٽي جاءِ ڪونهي. پر، هڪڙي ٻي ڳالهه ٻُڌ: اُتي آسمان ڪانه ملنديئي، اُتي فقط رانديڪا ئي رانديڪا هوندا."

راحيل: "نه نه، مون کي اسان نه، پر رانديڪا کپن. اسان ته مون کي رانديڪا وٺي ڏيئي ڪونه. اسان کي مون تي ترس اچيئي ڪونه. تون ڪهڙي نه سٺي آهين، جو توکي مون تي رحم اچي ويو. پر، تون مون کي آسمان تي ڪيئن وٺي هلنديئن؟ ڪو هوائي جهاز آندو اٿيئي؟ منهنجو هوائي جهاز ته هلي ئي ڪونه ٿو."

پري: منهنجا پر ڏي تنهنجو هوائي جهاز ٿيندا. تون منهنجي پرن تي ويهي رهندين ۽ مان توکي اڏائي آسمان تي وٺي هلنديس. راحيل! هاڻي جهٽ ڪر، دير نہ ڪر، وقت پيو وڃي."

راحيل پريءَ جي پرن تي سوار ٿي آسمان ڏانهن روانو ٿيو. پهريائين تہ ڪجھ ڊپ لڳس، پر پوءِ ڏاڍو مزو آيس. دل ۾ اھا خوشي هيس تہ هاڻي ڪينهوڙن جي ڪيٽ ۾ وڃي ٿو پهچان.

هيٺ جو نظر ڪيائين تہ سندس گھر بہ ڪينهوڙي وانگر ٿي نظر آيس.

هيٺ ڏسندي ڏسندي، سندس گھر بہ نظرن کان غائب ٿي ويو. اڏامندي اڏامندي، زمين کان پري، تمام گھڻو پري، پريءَ جي پرن تي راحيل پئي وڃون ماڻيون. رستي ۾ ڪيس تارن جون ٻتيون شمعن وانگر ڏسڻ ۾ پئي آيون. ڪٿي ڪٿي ڪڪرن جي ڪري اونداهي بہ پئي ٿي، پر وري سج جا ڪرڻا ڪڪرن کي چيري رستي ۾ روشني ڪريو ڏين. راحيل کي منزل تي پهچڻ جو ڏاڍو فڪر هو. آخر اھا گھڙي بہ آئي جڏهن پري اچي هڪڙي ڏاڍي سهڻي جاء تي پهتي، جتي رنگارنگ جھنڊيون لڳل هيون. ساوا، ڳاڙها ۽ پيلا قوڪٽا ٽنگيل هئا، چمڪندڙ سونيون ۽ روپيون پٽيون پئي لٽڪيون. رستي تي ننڍا ننڍا

ٻارڙا رنگين ڪاغذن جون ڏوڙيون پايو، جهنڊيون هٿن ۾ ڪنيو، هن جي آڌر ڀاءُ لاءِ بيٺا هئا. راحيل دل ۾ سوچڻ لڳو ته "واهه آئون واهه! منهنجي ڪهڙي نه آجيان ٿي رهي آهي! هنن کي منهنجي خوشيءَ جو ڪيترو نه خيال آهي! امان کي ڪيتريون ئي منٿون ڪيم ته منهنجي سالگرهه تي ڪمري کي انهيءَ طرح سينگاري، پر امان ته سڀ ڪنهن ڳالهه کي اجايو خرچ سمجهي پئي جند ڇڏائي.

پريءَ راحيل کي خيالن جي درياءَ ۾ غرق ڏسي چيو، "سوچين ڇا پيو؟ هل رانديڪن جي ڪمري ۾."

راحيل چرڪ ڀري پريءَ جي پٺيان لڳو. ڪمري ۾ گهڙڻ سان ائين معلوم ٿيس، ڄڻ آتي رانديڪا پوکيا هئا. ڪا اهڙي جاءِ نه هئي، جا رانديڪن کان خالي هجي. ڇا ڏسي، ڇا ڏسي! هر طرف رانديڪا ئي رانديڪا هئا. راحيل دل ۾ سوچڻ لڳو،

"هت ته رانديڪن جي دڪان کان به وڌيڪ رانديڪا آهن. وري امان سان گڏ رانديڪن جي دڪان تي ڏرو ڪٿي ڪنهن رانديڪي کي هٿ لائبو هو ته هڪدم ڇڙٻ ڏيئي روڪيندي هئي. سڪائي سڪائي ڪو هڪڙو رانديڪو مس وٺي ڏيندي هئي، سو به جيڪو سڀني کان سستو هوندو هو."

پريءَ ڪيس سوچيندو ڏسي چيس، "سوچين ڇا پيو؟ هي سڀ تنهنجي راند ڪرڻ لاءِ رکيل آهن."

راحيل: "سون کي ڪو روڪيندو ته ڪونه؟"

پري: "نه، نه، بيشڪ جيڪو رانديڪو ڪپيئي، سو ڪٺي راند ڪر."

پوءِ ته راحيل ديوانن وانگر هڪڙي رانديڪي کي ڪٺي ته وري ٻئي ڏانهن ڊوڙي. سائيڪل تي چڙهي ءَ جي جيپ ڏسي ته ان ڏانهن ڊوڙي. موٽرسائيڪل کي چاٻي ڏيئي هلائي، انهيءَ

جي چابي اجا پوري ڪانه ڏني ته وري سونر هلائي. هڪڙي هڪڙي رانديڪي کي ويو چابي ڏيندو، تان جو سڀ رانديڪا پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان هلڻ لڳا ۽ راحيل وچ ۾ بيٺي خوشيءَ ۾ ٽڙيون وڄايون.

وري هوائي جهاز تي نظر پيس، جنهن ۾ ڳاڙهيون ۽ سايون بتيون لڳل هيون. دل ۾ چيائين ته امان سون کي وڏو هوائي جهاز نئي وٺي ڏنو، پر هتي ته ڪيڏو نه وڏو هوائي جهاز ملي ويو اٿم. مان سچ ٻ ته نيلم جو ٽورانٽو آهيان.

ڪا مهل تي ته هڪ سهڻي ۽ ستي، ڳاڙهي رنگ جي سائيڪل تي نظر پيس. ڊوڙي وڃي ان تي چڙهي ويٺو. دل ۾ سوچيائين ته اها سائيڪل ته رضوءَ جي سائيڪل کان به سهڻي آهي. رضوءَ جي سائيڪل ۾ ته گهنڊڙي به ڪانه هئي، هن ۾ ته بتيون به لڳل آهن.

راحيل راند روند ۾ ايترو ته محو ٿي ويو، جو ڪيس وقت گذرڻ جي ڪا ڪل ئي نه رهي. ٻه دفعا پريءَ اچي چيس ته، "هاڻي واپسيءَ جو وقت ٿيو آهي، منهنجي حڪومت جو وقت ختم ٿي ويو آهي. هاڻي هتي رات جي ديو جو راڄ ٿيندو. هل ته گهر وٺي هلانءَ". پر راحيل پيهر راند ۾ مشغول ٿي ويو. پريءَ جي ڳالهه ڪي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيائين، ڪيس چئي مڃڻ جي عادت ڪانه هئي.

پريءَ جڏهن ٽيون دفعو چيس ته راحيل واپس وڃڻ کان انڪار ڪيو. ان تي پري ناراض

تي چيو، ”تون ڏاڍو بي چيو پار
آهين. نهيو، هاڻي مان وڃان ٿي،
تنهنجي مرضي، ويٺو راند ڪر.“
ائين چئي، پري هلي ويئي.
راحيل پريءَ جي اُن ڏمڪيءَ
جي ڪابه پرواه نه ڪئي. وري
راند ۾ لڳي ويو.

ڪا مهل ٿي ته راحيل کي
محسوس ٿيو ته جيڪا روشني
ڪمري ۾ هئي، سا گهٽبي پيئي
وڃي. آخر ڪمري ۾ اونداهي
پکڙجي ويئي. هاڻي راحيل کي
نيلم پريءَ جي ڳالهه ياد آئي ۽
کيس سڏ ڪرڻ لڳو، ”نيلم،
نيلم!“ پر نيلم پري هجي ڪا
ميدان تي، جا سڏ ورائي.

آهستي آهستي راحيل کي
هڪڙو به رانديڪو ڏسڻ ۾ نه
پيو اچي. کيس بُک به اچي
ورايو هو. سڄو ڏينهن راند ڪرڻ
ڪري ٿڪ به ٿي پيو هوس.
ڊپ وچان ساهه به اچي سوڙهو
ٿيو هوس. هيڏانهن هوڏانهن نظر
ڊوڙايائين، پر نيلم ته ڇا،
سندس پاڇو به ڪٿي نظر نه
پيو اچيس، نيلم تي چڙ به
ڏاڍي آيس.

دل ۾ سوچيائين ته، ”نيلم
مون کي رندن ۾ رلايو. منهنجي
ماءُ هوند مون کي ائين اونده
۾ اڪيلو ڪڏهن به نه ڇڏي
هلي وڃي ها. وري امان ته
هڪڙي سڏ تي چوندي آهي،
”جي چوئي امان!“ نيلم کي
ڪيترا سڏ ڪيا اٿم ته ورندي ئي
نه ڏني اٿس.“

اڃا اهو سوچيائين پئي ته
رات جي ديو جي گجگوڙ جو
آواز ڪنن تي پيس. کيس ائين
پئي لڳو، ڄڻ اهو آواز سندس
ڪنن جي ويجهو پيو اچي.
راحيل ڊپ ۾ ٿڙڪڻ لڳو ۽
خوف ۾ سڄو پگهرجي ويو.
جڏهن ڊپ جهلي نه سگهيو،
تڏهن وڏي رڙيون ڪري روئڻ
لڳو. ”امان! امان! هانءُ ڏاريندڙ
سڏ ڪيائين، او امان!“

راحيل جي ماءُ جڏهن پٽ
جا اهڙا سڏ ٻڌا، تڏهن ڪمڪار
ڇڏي، ”جيءُ چوئي امان!“
چوندي سندس ڪمري ڏانهن

۾ وڙندي ويئي.
”چو پٽ! ڇا بابا! ڇا ٿيو ٻچا؟ ڇا ٿيئي منهنجا رانجهن؟“ ڪمري ۾ گهڙي ڏسي ته راحيل زمين تي پيو آهي. سڀ رانديڪا ڏڙيا پکڙيا، ڀڳا ٽٽا پيا آهن. راحيل ڀڪُر ۾ ڀڏو پيو رڙيون ڪري. ماءُ ڪٽي سيني سان لڳايس. ماءُ جي سيني جي گرمي محسوس ڪري راحيل اک پٽي. جاڳڻ تي راحيل پڻي چيو، ”نيلم! مون کي منهنجي امڙ کپي. مون کي رانديڪا نه کپن.“

جڏهن ماڻس پيشاني چمي ته راحيل کيس ڀاڪر پائي چوڻ لڳو، ”امان مان هاڻي ڪينهوڙي لاءِ ڪيڻو نه ڪندس. مان نيلم پريءَ جي چوڻ ۾ نه ايندس. امان، مان هوائي جهاز لاءِ ضد نه ڪندس. مان سائيڪل لاءِ توکي تنگ نه ڪندس. مان ٻي ڇيه نه ڏيندس. امان، مان تنهنجو چيو ضرور مڃيندس.“

ماءُ کيس پيار ڪيو. ’آيۃُ الڪُرسي‘ الله جو ڪلام پڙهي دم ڪيائينس، ڇوجو ماڻس نيلم پري جو نالو پڌي سمجهي ويئي ته راحيل کو خواب ڏٺو آهي.

ماءُ دلداري ڏنس ۽ پڻي ٿپرينديءِ رهيس، جيسين وڃي کيس سانت ٿي.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪانُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيَن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)